SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريه 2009
# SINDH ACT NO.VIII OF 2009

# لاڙڪاڻه ڊولپمينٽ اٿارٽي (ورجاءُ ۽ بدلائڻ) ايڪٽ، 2009
# THE LARKANA DEVELOPMENT AUTHORITY (REVIVAL AND AMENDING) ACT, 2009

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. لاڙڪاڻه ڊولپمينٽ اٿارٽيءَ جو ورجاءُ ۽ ترميمون
Revival and amendments of Larkana Development Authority

3. بچت
Saving

# سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريه 2009
# SINDH ACT NO.VIII OF 2009
# لاڙڪاڻہ ڊولپمينٽ اٿارٽي (ورجاءُ ۽ بدلائڻ) ايڪٽ، 2009
# THE LARKANA DEVELOPMENT AUTHORITY (REVIVAL AND AMENDING) ACT, 2009

[ 31 آڪٽوبر 2009 ]

ايڪٽ جنهن جي ذريعي لاڙڪاڻہ ڊولپمينٽ اٿارٽي سان لاڳاپيل قانون ۾ ورجاءُ ۽ ترميم ڪري سگهجي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ رهائشي صنعت کي هٿي ڏيارڻ، متحرڪ ڪرڻ ۽ صوبي جي ماڻهن کي بهتر رهائش جي فراهمي جي لاءِ لاڙڪاڻہ ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1994 ۾ ورجاءُ ۽ ترميم ڪرڻ مقصود آهي؛

جنهن ڪري هيٺين طريقي سان نافذ ڪيو ويندو:-

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي لاڙڪاڻہ ڊولپمينٽ اٿارٽي (ورجاءُ ۽ بدلائڻ) ايڪٽ، 2009 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ ايڪٽ في الفور نافذ ٿيندو ۽ هن کي 24 آڪٽوبر 2007 کان لاڳو ۽ موثر سمجهيو ويندو.

لاڙڪاڻہ ڊولپمينٽ اٿارٽيءَ جو ورجاءُ ۽

2. لاڙڪاڻہ ڊولپمينٽ اٿارٽي، ايڪٽ1994 کي جولائي 2002، جي پهرين ڏينهن کان بحال سمجهيو ويندو، جيئن

ترميمون
Revival and amendments of Larkana Development Authority

ڪڏهن بہ منسوخ نہ ٿيو هيو ۽ هن کي ان جو ترميم ٿيل تصور ڪيو ويندو:-

1. هن پوري ايڪٽ ۾ استعمال ڪيل الفاظ ”لاڙڪاڻو ڊويزن“ جي جاءِ تي ”ڊسٽرڪٽ لاڙڪاڻہ“، ”لوڪل ڪائونسل“ جي جاءِ تي ”ضلعہ ڪائونسل“ ۽ ”ڪمشنر“ جي جاءِ تي الفاظ ۽ بريڪيٽ ”ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر روينيو“، ”ڪليڪٽر“ لفظ ۽ ”ڊپٽي ڪمشنر“ جي جاءِ تي ”ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)“، ”اربن“ جي جاءِ ”سرٽن“ ۽ ”لوڪل اٿارٽي“، ”لوڪل ڪائونسل“، ”لوڪل اٿارٽي يا باڊي“ جا الفاظ ”لوڪل ڪائونسل يا باڊي“ جي الفاظن جي جاءِ تي ”لوڪل گورنمينٽ“ جيئن سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 2001 جي دفعہ 2 جي تحت بيان ڪيل آهي، جو متبادل هوندا.

2. دفعہ 2 ۾:-

(a) شق (f) کانپوءِ هيٺين نئين شق کي شامل ڪيو ويندو:-

"(ff) ڪنساليڊيشن آف لينڊ مان مراد پلاٽن جي متاسنا يا ڪنهن بئي ذريعي سان ملائڻ جنهن سان اسڪيم جو مقصد حاصل ڪري سگهجي؛ ۽

"(fff) ”ڊسٽرڪٽ“ مان مراد سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 2001 جي دفعہ 2 تحت بيان ڪيو ويو“؛

(b) شق (n) ۾ سيمي ڪولن کي فل اسٽاپ سان تبديل ڪيو ويندو؛ ۽

(c) شق (o) کي ختم ڪيو ويندو.

3. دفعہ 3 ۾، ذيلي دفعہ (3)، جي الفاظ ”۽ ٻي هنڌ جتي حڪومت نوٽيفڪيشن جي ذريعي متعين ڪري سگهي ٿي“ کي حذف ڪيو ويندو.
4. دفعہ 4 ۾، ذيلي دفعہ (1) جي لاءِ هيٺين کي متبادل سمجهيو ويندو:-
”(1) اٿارٽي هن تي مشتمل هوندي.“

| | | |
|---|---|---|
| (a) | وزير، هائوسنگ ٽائون پلاننگ ۽ لوڪل گورنمينٽ چيئرمين. | چيئرمين |
| (b) | ٻہ مقامي ميمبر صوبائي اسيمبلي جا چونڊيل ۽ هڪ اسپيڪر پاران نامزد ڪيل وائيس چيئرمين. | ميمبر/وائيس چيئرمين |
| (c) | سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ | ميمبر |
| (d) | ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر آفيسر ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ لاڙڪاڻو | ميمبر |
| (e) | ڊسٽرڪٽ جنرل | ميمبر/سيڪريٽري |
| (f) | ڊائريڪٽر جنرل، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ | ميمبر |
| (g) | حڪومت پاران نامزد ڪيل ٻہ ماڻهو | ميمبر |

5. دفعہ 6 ۾، ”نان آفيشل“ جي الفاظ جو ”دي The “ کي سان متبادل بڻايو ويندو.

6. دفعہ 9 ۾، ذيلي دفعہ (1) ۾، شق (ii)، ۾ هيٺيون نيون شقون شامل ڪيو وينديون:-

”(iiia ) ڪنهن زمين کي هن طرح مربوط ڪرڻ جنهن قاعدا؛“

| بچت Saving | 3. پهرين جولائي ٻہ هزار ٻہ ۾ جنهن ڏينهن هيءَ ايڪٽ نافذ ٿيو آهي (ٻنهي ڏينهن جي وچ ۾) سمورا ڪيل انتظام، هلايل ڪارروايون، ڪيل مقررين، ڪيل ارادن، سواءِ ان جي جنهن خلاف عدالت جو حڪم ٿيو ان کي هميشہ ائين ئي ڪارگر سمجهيو ويندو ۽ ان جي خلاف ڪنهن عدالت ۾ يا فورم تي ۽ ڪنهن بنياد تي ڪو سوال نہ اٿاريو ويندو. |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**